روزاني
سنڌيار
سکر
ايڈيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) چنڇر 17 جون 2023ع بمطابق 27 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 23

اسحاق ڈارجا پير ڪيندڙن کي پارٽي ۾ رهڻ جو ڪو حق ناهي: وزيراعظم

مان جنرل ڪائونسل جو اجلاس ڪيترائي ڀيرا ملتوي ڪرايو، چوته مان ان انتظار ۾ هيس ته نواز شريف پاڪستان ايندو ۽ مان اها ذميواري سنڊس حوالي ڪندس: شهباز شريف

چوندن جي تلوار ٽنگيل هئي تنهن ڪري اجلاس گهرائڻو پيو، هيءَ جيڪا پڳ توهان مون کي پارائي آهي

اها نواز شريف جي امانت آهي ۽ جڏهن نواز شريف ايندو ته پارٽي صدارت سنڊس حوالي ڪندس

نواز شريف پاڪستان جي ترقي جو معمار آهي، دعا آهي ته نواز شريف اچي ۽ چوندو وڙهي، چوٽون پيرو ملڪ جو وزيراعظم چوندجي

اسحاق ڊار ملڪي معيشت جي بهتري لاءِ رات ڏينهن محنت ڪري رهيو آهي، اسان جي پارٽي سياست نه رياست بچائي

بجيٽ ۾ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 35 سيڪڙو واڌو ڏيڻو فيصلو هو، آءِ ايم ايف ۾ اڃ به اسان جا سڳ ڦاٽل آهن

وزيراعظم شهباز شريف چيو ته مان جنرل ڪائونسل جو اجلاس ڪيترائي ڀيرا ملتوي ڪرايو، چوته مان ان انتظار ۾ هيس ته نواز شريف پاڪستان ايندو ۽ مان اها ذميواري سنڊس حوالي ڪندس: شهباز شريف

پارٽي ۾ رهڻ جو ڪو حق ناهي، جنرل ڪائونسل اجلاس سان خطاب ڪندي

اسلام آباد(ڀ ر) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته اسحاق ڊارجا پير ڪيندڙن کي

طوفان پارٽي گجرات سان ٽڪرائجي ويو، سنڌ تان خطرو ٽري ويو

سامونڊي طوفان ۾پر جواڻ پارٽي علاقي گجرات جي ساحلي علاقن سان مڪمل طور ٽڪرائجي چڪو آهي: اين ڊي ايم اي

انتهائي شديد طوفان ڪمزور ٿيڻ بعد هاڻي سائڪلونڪ طوفان ۾ تبديل ٿي ويو آهي، ڊپريشن ۾ تبديل ٿي ويندو

طوفان ڪيٽي بندر کان 200 ڪلوميٽر پري ٿي ويو آهي، طوفان ڪٽو کان 180 ۽ ڪراچي کان 270 ڪلوميٽر پري ٿي چڪو آهي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي (ڀ ر) طوفان پارٽي گجرات سان ٽڪرائجي ويو، سنڌ تان خطرو ٽري ويو، اين ڊي ايم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

آصف علي زرداري جو دبئي ۾ اڪ جو آپريشن ڪامياب

ڪراچي (ڀ ر) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جو دبئي ۾ اڪ جو آپريشن ڪامياب رهيس ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ناهلي جو مدو پنج سال: سينيٽ ۾ اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميمن وارو بل منظور

سزا پذايل شخص فيصلي واري ڏينهن کان رڳو 5 سالن لاءِ نااهل ٿيندو

واڳيل شخص پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيڻ جو اهل هوندو

سينيٽ اليڪشن ايڪٽ ۾ ترميمن واري بل جي اڪثريتي راءِ سان منظوري ڏني ڇڏي

اسلام آباد (ڀ ر) سزا جو تعين نه هڻڻ جي صورت ۾ نااهلي پنج سالن کان وڌيڪ نه هوندي، سزا پذايل شخص فيصلي واري ڏينهن کان رڳو 5 سالن لاءِ نااهل ٿيندو، واڳيل شخص پارليامينٽ يا صوبائي اسيمبلي جو ميمبر ٿيڻ جو اهل هوندو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

الله جو فضل آهي، اسان سامونڊي طوفان جي تباهڪارين کان بچي ويا آهيون: شيري رحمان

سجاول ۾ متاثرن جي واپسي ۾ ڪجهه وقت لڳي سگهي ٿو، آبادي وڌي وئي آهي، اسان ڪٽي ڪٽي پهچون.؟

سنڌ ۾ ٻيڙجواڻ ٻين طوفانن جي پيٽ ۾ گهٽي وقت تائين رهيو، جڏهن ته سنڌن ۾ گرمي پد وڌڻ به طوفان جو هڪ سبب آهي

ڪوشش آهي ته متاثرن کي جلد پنهنجن اباڻن علاقن ڏانهن واپس پهچايون، پر ان ۾ وقت لڳندو

اسلام آباد: ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي وزير شيري رحمان تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

اسلام آباد (ڀ ر) ماحولياتي تبديلي بابت وفاقي وزير شيري رحمان چيو آهي ته الله جو فضل آهي، اسان سامونڊي طوفان جي تباهڪارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

طوفان جا خطرا ختم، ڪراچي ۾ تعليمي سرگرميون بحال ڪرڻ جي اجازت

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ طوفان جا خطرا ختم ٿيندي ئي ڪشنر شهر ۾ معمول جون سرگرميون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آءِ ايم ايف کي وفاقي بجيٽ تي خدشا، ڪاروباري برادري پاران ڳڻتي جو اظهار

وزيراعظم جي اميدن جي ابتڙ عالمي اداري سان پاڪستان جا لاڳاپا بهتر ٿيڻ بدران ڏکيا ٿي رهيا آهن: ميان زاهد حسين

حڪومت درآمدات کي محدود ڪري ڪرنٽ اڪائونٽ ڊيفيسٽ کي في الحال ڪنٽرول ڪري ورتو آهي

هن سال پاڪستان کي 20 ارب ڊالر جا قرض واپس يا رول اوور ڪرڻا آهن

ڪراچي (ڀ ر) نيشنل بزنس گروپ پاڪستان جي چيئرمين، پاڪستان بزنس مين اينڈ انٽليڪچوئلز فورم ۽ آل ڪراچي انڊسٽريل الائنس جي صدر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير ميان زاهد حسين جيڪو آهي ته آءِ ايم ايف واقي بجيٽ تي پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

9 مئي جي واقعن ۾ پي ٽي آءِ سياسي طور تي مري وئي: فردوس عاشق اعوان

مان 2 سال سياست کان پري رهيس، پارٽي ۽ چيئرمين جنهن بيان سان هلي رهيا هئا، ان سان گڏ بيهڻ نه ٿي چاهيو

جڏهن بندوق جو رخ پاڪ فوج ڏانهن ڪيو ته مون کي خاموش رهڻو پيو ۽ پاسي تي ويهڻو پيو

ملڪ ۾ معاشي ۽ سياسي عدم استحڪام ۽ هڪ ٻئي لاءِ نفرت آهي، 9 مئي جي واقعن ۾ شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي وئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) استحڪام پاڪستان پارٽي جي آگاهه فردوس عاشق اعوان جو چوڻ آهي ته 9 مئي جي واقعن ۾ پي ٽي آءِ سياسي طور تي مري وئي ۽ نشين پارٽي خواجه آصف يونيورسٽيز جي وائيس چانسلرز کي ڊاڙيل چوڻ تي معافي وئي ڇڏي

اسلام آباد: استحڪام پاڪستان پارٽي جي آگاهه فردوس عاشق اعوان ميڊيا سان گڏجاڻي رهي آهي

اسلام آباد (ڀ ر) دفاع واري وزير خواجه آصف يونيورسٽيز جي وائيس چانسلرز کي ڊاڙيل چوڻ تي معافي وئي ڇڏي آهي، قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ گڏجاڻيندي وفاقي وزير چيو ته مون 2 ڏينهن اڳ وائيس چانسلرز لاءِ نامناسب لفظ استعمال ڪيا هئا، انهن تي معذرت ڪيان ٿس خواجه آصف 2 ڏينهن اڳ ايوان ۾ گڏجاڻيندي چيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ بل ادا ڪندڙن سان ظلم آهي: خرم دستگير

وزيراعظم بنا دير 100 ايم ايم سي ايف ڊي گئس ڊيٽ جي هدايت ڪئي آهي

ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ بجلي جي نظام جون خرابيون نه آهن ڪراچي کي ٽيرف ڊيفريشنل سبسڊي ڏني پئي وڃي

هلندڙ سال بجلي لاءِ ڪراچي کي 171 ارب روپيا سبسڊي ڏني ويندي سڄي ملڪ لاءِ 151 ارب روپيا سبسڊي ڏني پئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پاڻي ۽ بجلي واري وفاقي وزير خرم دستگير خان چيو آهي ته ڪراچي ۾ لوڊشيڊنگ بل ادا ڪندڙن سان ظلم آهي، صحافين سان گڏجاڻيندي وفاقي وزير چيو ته هلندڙ سال ڪراچي کي بجلي لاءِ 171 ارب روپيا سبسڊي ڏني ويندي سائڪلون سبب کي اليڪٽرڪ کي آر ايل اين جي جي روانگي ۾ رڪاوٽ ٿي آهي هن چيو ته طوفان جا اثر گهٽ ڪان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان گڏيل قومن جي وفد جي ملاقات

ملاقات ۾ سامونڊي طوفان ۽ 2022 ۾ٻڌ متاثرن جي بحالي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سامونڊي طوفان سبب 82 هزار ماڻهن کي محفوظ جڳهن تي منتقل ڪيو ويو: ڊاڪٽر سهيل راجپوت

امپليمينٽيشن پارٽنرز پاران گهرن جي تعمير ۾ ماڻهن کي سهڪار فراهم ڪري رهيو آهي ته جيئن اهڙا گهر تعمير ڪيا رڃن

ڪراچي (رپورٽر) چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان گڏيل قومن جي انساني همدردي جي ڪوآرڊينيٽر جولين هارنيس جي سربراهي ۾ 4 رڪني وفد ملاقات ڪئي، گڏجاڻي ۾ سامونڊي طوفان ۾پر جواڻ 2022 ۾ٻڌ متاثرن جي بحالي لاءِ ڪيل قدمن ۽ سندن ڪوششن جي ساراهه ڪئي

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر محمد سهيل راجپوت سان گڏيل قومن جي وفد جي ملاقات ڪندي

ارجنا رانا تنگا شهيد، بينظير ڀٽو کي عظيم شخصيت قرار ڏني ڇڏيو

ڪولمبو (ڀ ر) سال 1996ع ۾ سريلنڪا کي عالمي چيمپيئن بڻائيندڙ اڳوڻي ڪپتان ارجنا رانا تنگا پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو کي عظيم عورت شخصيت قرار ڏني ڇڏيو، بين الصوبائي رابطن واري وفاقي وزير احسان مزاري سريلنڪا جي راندين واري وزير ۽ اسپورٽس ڪائونسل جي سربراهه ۽ اڳوڻي ڪپتان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪنهن جي پي ۽ ۾ دم ناهي ته سنڌين کي ڪراچي اچڻ کان روڪي: شرجيل ميمڻ

ميان ٽوته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم آهي پر ڪراچي ۾ هڙتالون ناهن ٿيندیون، پوري بند لاش ناهن ملندا، گاڏيون ناهن سڙندیون، پٽو ناهي ورتو ويندو

مڪاني چونڊون ٿي رهيون هيون، ايم ڪيو ايم کي ڪنهن چيو هو ته مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو، اسان ايم ڪيو ايم کي نه چيو هو ته بائيڪاٽ ڪيو

مردم شماري تي سڀ کان اڳ وڌي وزير اعتراض ڪيو، سنڊس ذاتي دلچسپي سان مردم شماري وڌي آهي، اسان جي دوستن کي خبر ئي نه هئي ته مردم شماري ڪيئن ٿي رهي آهي

مون سان گڏ هلو، مان توهان کي ڏيکاريان ٿو ته ڪيترين بسون هلي رهيون آهن، ريڊ لائن به ٺهي رهي آهي، يلو لائن به ٺهي رهي آهي

اربين رپين جي سبسڊي ڏني پئي وڃي، ڪنهن کان پئسا نه پيا ورتا وڃن، گمبٽ اسپتال ۾ مفت ليور ٽرانسپلانٽ ٿي رهيو آهي: صوبائي اسيمبلي ۾ خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اطلاعات ۽ ٽرانسپورٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ جيو آهي ته ڪراچي سنڌ آهي ۽ سنڌ رهندي، ڪنهن جي پي ۽ ۾ دم ناهي ته اسان کي ڪراچي اچڻ کان روڪي، صوبائي اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي شرجيل ميمڻ جيو

مان ٽوته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم آهي پر ڪراچي ۾ هڙتالون ناهن ٿيندیون، پوري بند لاش ناهن ملندا، گاڏيون ناهن سڙندیون، پٽو ناهي ورتو ويندو، هن چيو ته مڪاني چونڊن ٽي رهيون هيون، ايم ڪيو ايم کي ڪنهن چيو هو ته مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو، اسان ايم ڪيو ايم کي نه چيو هو ته بائيڪاٽ ڪيو هٿن پنهنجي مرضي سان بائيڪاٽ ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پي ٽي آءِ جا ميمبر اغوا ڪرڻ وارو الزام غلط آهي: سعيد غني

جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان کوڙ گهالهائي رهيو آهي

پي ٽي آءِ ۾ گروپنگ وڌي عرصي کان هئي، نومئي جي واقعن بعد پي ٽي آءِ وڌيڪ ورهائجي وئي

جماعت اسلامي چاهيو پئي ته زبردستي ووٽ وٺون، فردوس شميم حلف نه کنيو، هو ووٽ ڏيڻ جو حقدار نه هو

ڪراچي (ڀ ر) صوبائي وزير سعيد غني چيو آهي ته پي ٽي آءِ جا ميمبر اغوا ڪرڻ وارو الزام غلط آهي، جماعت اسلامي ڪراچي جو امير حافظ نعيم الرحمان کوڙ گهالهائي رهيو آهي، هن چيو ته پي ٽي آءِ گروپنگ وڌي عرصي کان هئي، نومئي جي واقعن بعد پي ٽي آءِ وڌيڪ ورهائجي وئي، ڪراچي ۾ ميڊيا سان گهالهائيندي سعيد غني چيو ته جماعت اسلامي چاهيو پئي ته زبردستي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: صوبائي وزير سعيد غني پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ڪراچي وارن لاءِ بجلي سستي ٿي وئي

ڪي اليڪٽرڪ صارفين لاءِ بجلي 5 پئسا في يونٽ سستي ڪئي وئي

ڪي اليڪٽرڪ بجلي جي قيمت ۾ 49 پئسا في يونٽ گهٽائڻ جي درخواست ڪئي هئي: نوٽيفڪيشن

اسلام آباد (ڀ ر) ڪي اليڪٽرڪ صارفين لاءِ بجلي جي قيمت ۾ معمولي گهٽتائي ڪئي وئي، ڪي اليڪٽرڪ صارفين لاءِ بجلي 5 پئسا في /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

لطيف کوسا جي گهر تي فائرنگ، ڊرائيور زخمي

اڳوڻي گورنر جي گهر تي رات دير سان اڻڄاتل هٿياربندن فائرنگ ڪئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ سندس ڊرائيور زخمي ٿي پيو، جڏهن ته فائرنگ ڪندڙ فرار ٿي ويا

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پنجاب جي اڳوڻي گورنر لطيف کوسا جي گهر تي نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ سبب سندس ڊرائيور زخمي ٿي پيو لاهور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

لاهور: پنجاب جي اڳوڻي گورنر لطيف کوسا جي گهر تي نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ بعد اهلڪار بيلڻ آهن

عمرڪوٽ: ٻن ڏينهن کان هلندڙ برسات وڌيڪ تيز ٿي وئي

شهري پنهنجي مدد پاڻ تحت محفوظ هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ ٿي مجبور

ٻن ڏينهن ۾ 122 ملي ميٽر برسات رڪارڊ ڪئي وئي

عمرڪوٽ (رپورٽر) عمرڪوٽ ۾ گذريل ڏينهن کان برسات جو سلسلو جاري آهي، شهري پنهنجي مدد پاڻ تحت محفوظ هنڌن ڏانهن لڏپلاڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

عالمي بينڪ جي وفد جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات

اجلاس ۾ ٻيلو لائن بي آر ٽي پروجيڪٽ جي مسئلن ۽ اُنهن جي حل بابت ڳالهيون ڪيون ويون

ٽرانسپورٽ بابت لاڳاپيل عوامي منصوبن کي جلد مڪمل ڪرڻ چاهيون ٿا: شرجيل ميمڻ

ڪراچي: عالمي بينڪ جو وفد اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) عالمي بينڪ جي وفد جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ملاقات ڪئي، عالمي بينڪ جي وفد جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ پيلو لائن بي آر ٽي پروجيڪٽ بابت اجلاس ۾ به شرڪت ڪئي، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ سليم راجپوت، ايڊيشنل سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اٿارٽي ڪمال دايو ۽ عالمي بينڪ پاران ٽاسڪ ٽيم مينيجر لنڊن فلور، پريڪٽس مينيجر جين جنگشن، پروگرام ليڊر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

قردوران شهري کي زخمي ڪندڙ ۾ ڏوهاري گرفتار

پيٽرولنگ تي مقرر پوليس ڏوهارين کي فرار ٿيندي گرفتار ڪري ورتو

ڏوهارين کي گارڊن جي علاقي رمضان گارڊن مان گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گارڊن ۾ قردوران شهري کي زخمي ڪري فرار ٿيندڙ ٻه ڏوهاري گرفتار ٿي ويا، ايس ايس پي ستي عارف عزيز مطابق گارڊ ۾ 2 ڏوهاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

انٽربئنڪ ۾ ڊالر سستو، اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو

انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 17 پئسا سستو ٿيڻ بعد 287 رپيا 20 پئسا ٿي ويو

اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 2 رپيا مهانگو ٿيڻ بعد 297 رپيا مهانگو ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر اڄ 17 پئسا سستو ٿي ويو، جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 2 رپيا مهانگو ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪيمپس ۾ ترسيل ماڻهن جي واپسي انتظاميا جي اجازت سان مشروط

حتمي فيصلو ڪور ڪمانڊر ۽ ڪمشنر سان ملاقات ڪانپوءِ ڪيو ويندو: ڊي سي ٺٽو

ٺٽي جي سامونڊي علاقن مان لڏ پڏ 24 هزار ماڻهن کي ڪڍيو ويو آهي

ڪراچي (ڀ ر) ڏهٽي ڪمشنر ٺٽو غلام فاروق سومرو چيو آهي ته ڪشمين ۾ ترسايل ماڻهن کي واپس سندن گهرن ڏانهن موڪلڻ جو عمل سڀاڻي کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

چونڊون نه هجن ها پوءِ به اهڙي ئي بجيٽ پيش ڪيون ها: اسحاق ڊار

بجيٽ اسٽريٽيجي ۾ دير جو سبب آءِ ايم ايف سان ڳالهه ٻولهه ۾ دير هئي

آءِ ايم ايف ٻاهرين فنانسنگ جا شرط رکيا، جيڪي پورا ڪري رهيا آهيون، تاڙي ٻنهي هٿن سان وڄندي آهي

سمورا انتظام ڪيا ويا آهن، هڪ گئس پائپ لائن جو 50 ارب ڊالرن جو اثاثو پاڪستان وٽ آهي

اسلام آباد (ڀ ر) نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته چونڊون نه هجن ها پوءِ به اهڙي ئي بجيٽ پيش ڪيون ها، قومي اسيمبلي جي نائي بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي کي بريفنگ ڏيندي اسحاق ڊار چيو ته بجيٽ اسٽريٽيجي ۾ دير جو سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

نائي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار

غوثپور: ميراڻي برادري جي ٻن ڏرين ۾ جهيڙو، 3 ڄڻا زخمي

ڪوٽ شاهل خان ۾ ميراڻي برادري جي ٻن ڏرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

لنيون ۽ سروتا لڳڻ سبب ٻن ٿي ڏرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

غوثپور (رپورٽر) غوثپور جمال ٽائي جي حد ڪوٽ شاهل خان ۾ ميراڻي برادري جي ٻن ڏرين ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو لنيون ۽ سروتا لڳڻ سبب ٻن ٿي ڏرين جا 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته زخمين ۾ بلاول ميراڻي، ممتاز علي ميراڻي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

جيڪب آباد ۾ رسان ڪارنهن تڪرار تان ٻن ڀائرن سميت 3 ڄڻا قتل

صدر ٽائي جي حد ۾ ڪپل اسٽاپ ۾ رسان ڪوٽ سچل ٽالاٽي تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ڏني

پوليس اهلڪار غلام مصطفيٰ ٽالاٽي، سندس ڀاءُ غلام قادر ٽالاٽي ۽ امان الله ٽالاٽي قتل ٿي ويا

واقعو ٽالاٽي برادري ۾ پراڻي دشمني سبب پيش آيو، مقتولن جا لاش تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن: پوليس

جيڪب آباد (رپورٽر) جيڪب آباد ۾ رسان ڪارنهن تڪرار تان ٻن ڀائرن سميت 3 ڄڻا قتل ٿي ويا آهن، پوليس موجب هٿياربندن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪار سميت 3 ڄڻا مارجي ويا، صدر ٽائي جي حد ۾ ڪپل اسٽاپ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسان جي حڪومت ۾ ماڻهو گهٽ اغوا ٿيا آهن: فريال ٽالپر

جڏهن ڪان پ پ جي حڪومت آئي آهي، تڏهن ڪان ماڻهن جي اغوا جا واقعا رُڪجي ويا آهن

صحت لاءِ اين آءِ سي وي ڊي، ايس آءِ يو ٽي جهڙين اسپتالز ٺاهيون آهن، منهنجي پيٽ جو علاج سنڌ جي اسپتالن مان ٿيو آهي

اسان 15 سالن ۾ جيترا ڪم ڪيا آهن، اِيترا ڪير به ڪري نه سگهيو آهي، تنقيد ڪندڙ باهر نڪري ڏسن ته اسان ڪيترا ڊير ٺاهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) پ پ ايم پي اي فريال ٽالپر چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي حڪومت ڪان اڳ سنڌ ۾ سوين ماڻهو اغوا ٿيندا هئا پر جڏهن ڪان پ پ جي حڪومت آئي آهي، تڏهن ڪان ماڻهن جي اغوا جا واقعا رُڪجي ويا آهنسنڊ اسيمبلي ۾ بجيٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: وفاقي وزير آنجنيئر خرم دستگير پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

موٽر وي تي عورت سان لڄالٽ جي الزام ۾ پوليس انسپيڪٽر گرفتار

سيالڪوٽ (ڀ ر) سيالڪوٽ پوليس نيشنل هاءِ ويز اينڊ موٽر وي پوليس جي هڪ انسپيڪٽر کي موٽر وي تي عورت سان لڄالٽ جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو، لاهور جي علاقي اپرا جي رهواسيءَ متاثر عورت ڏسڪا پوليس کي ڏانهن ڏيندي چيو ته مان ڪنهن ڪر جي سلسلي ۾ ڏسڪا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پارٽي چونڊ، شهباز صدر ۽ مريم سينيئر نائب صدر چونڊجي ويا

اسلام آباد ۾ مسلم ليگ (ن) جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ اعليٰ قيادت شرڪت ڪئي

جنرل ڪائونسل اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جي نعرن جو جواب شهباز شريف ۽ مريم نواز هٿ ٻڌي جواب ڏنو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وزيراعظم شهباز شريف ايندڙ 4 سالن لاءِ مسلم ليگ (ن) جو بنا مقابلي صدر چونڊجي ويو، اسلام آباد ۾ مسلم ليگ (ن) جي جنرل ڪائونسل جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ اعليٰ قيادت شرڪت ڪئي، جنرل ڪائونسل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاڪڙا مائنز ۾ ڊيجي ويل ٻن پورهيتن جا لاش هٿ

ڪوئلي ۽ جي ڪوٽائي ۽ دوران پڪ ڪرڻ سبب پورهيت ابرار الحق ۽ سميع الحق پناڻ ڊيجي ويا هئا

دلبر پناڻ کي زخمي حالت ۾ پهرين ڏينهن ڪوئلي کاڻ مان ٻاهر ڪڍيو ويو هو

کاڻ اندر ڊيجي ٻن ساڻ پائرن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ متامي پورهيتن طوفان گذريل 5 ڏينهن کان امدادي سرگرميون جاري هيون

مائجهند (رپورٽر) لاڪڙا ڪول مائنز جي کاڻ اندر پڪ ڪرڻ سبب ڊيجي ويل 2 پورهيتن جا لاش 5 ڏينهن بعد هٿ آيا آهن لاڪڙا ڪول مائنز ۾ 5 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

لاڪڙا مائنز ۾ ڊيجي ويل پورهيت ابرار ۽ سميع الحق

طوفان ختم، ماڻهن جي واپسي شروع، ڊاڪٽي سنڌ جي شهرن ۾ برسات

مختلف علاقن مان لڏي ويل ماڻهون پنهنجي اباڻن ڪکن ڏانهن موٽڻ لڳا

سنڌ ۾ داخل ٿيڻ مهل گهٽ ٿي 95 ڪلوميٽر في ڪلاڪ رهجي ويئي

ڪراچي (رپورٽر) سيٽلائيٽ ذريعي موسمياتي جي مانيٽرنگ واري ويب سائيٽ زوم ارٿ ڊاٽ ڪام مرجب ٻيرجاڻي طوفان ختم ٿي ويو آهي، طوفان جي باقيات سنڌ ۾ 150 ڪلوميٽر جو سفر طئي ڪندي، طوفان کي رڻ ڪڇ جي زميني باقيات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شهيد اجمل ساوند ڪيس: ڪچي ۾ پوليس ٽي مارٽر گولا فائر، بکتربند گاڏيون تباهه

ڏاڙيلن پوليس ٽي مارٽر گولا به فائر ڪيا، نتيجي ۾ پوليس جون 3 بکتربند گاڏيون تباهه ٿي ويون

ڪشمور پوليس جي هڪ ٽيم ڪچي ۾ سندرانڊين جي ڳوٺ تي چڙهائي ڪئي ته جوابدارن جديد هٿيارن سان حملو ڪري ڏنو

ڪشمور (رپورٽر) پروفيسر اجمل ساوند جا قاتل گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪچي ۾ لشڪر پوليس تي ڏوهارين پاران جديد هٿيارن سان فائرنگ ڪئي وئي آهيڏاڙيلن پوليس تي مارٽر گولا به فائر ڪيا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ پوليس جون 3 بکتربند /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

يوسي جهنڊو مشائخ جي ڳوٺ عالم خان شيخ جو اسڪول تباهيءَ ويو

ڳوٺ عالم خان شيخ سميت مختلف ڳوٺن جي اسڪولن ۾ استاد مقرر نه ٿيا

عالم خان شيخ جو اسڪول پوت بنگلو بڻيل ۽ عمارت آثار قديمه جو ڏيک ڏيڻ لڳي

اسڪول ڪاغذن ۾ هلندڙ ڏيکاريل آهي پر ظاهري طور هڪ سال کان بند لڳو پيو آهي:رهواسي

رائيپور (رپورٽر)يوسي جهنڊو مشائخ جي ڳوٽ عالم خان شيخ جو اسڪول تباهيءَ ٿي ويو آين ٽي ايس جي ٽيسٽ ۾ 65 کان وڌيڪ يوسي جهنڊو مشائخ جا استاد پاس ٿيا آهن تهن هوندي به ڳوٺ عالم خان شيخ سميت مختلف ڳوٺن جي اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

رائيپور: ڳوٺ عالم خان شيخ جو زبون حال بڻيل اسڪول جو ڏيک

ناروشاه جي بيواهه عورت پاران ڏوهارين خلاف سخت احتجاجي مظاهرو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ناروشاه جي بيواهه عورت پاران ڏوهارين خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪجهه وقت اڳ ڳوٺ کهڙا جا رهواسي اڄ برادري جا ماڻهو مهمان ٿي آيا جيڪي آسان جي گهر ۾ ڏاڙو هڻي سونا زيور روڪ رقم ۽ بيو سامان کيويا آهن ڪيس ناروشاه ٿاڻي ٿي داخل ڪرايو ڪيس تان هٽ ڪٽڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

غوثپور جي تاريخي بابا غريبداس مندر ۾ هندن جي روحاني پيشوا جي جنم ڏينهن جي تقريب

گادي نشين صوفي سنت گرداس رام جو 92 سالہ جنم دن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

تقريب ۾ هندو برادري جي نوجوانن طرفان اصلاحي ناٽڪ "ڪهاڻي گهر گهر کي" پيش ڪيو ويو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جي قديم ۽ تاريخي بابا غريبداس مندر ۾ هندن جي روحاني پيشوا ۽ مندر جي پنجين گادي نشين صوفي سنت گرداس رام جو 92 سالہ جنم دن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو مندر ۾ صبح کان ٽي سنڌ جي مختلف شهرن ڪشمور بداڻي بخشاپور ڪنڊڪوٽ ڪرمپور ۽ ڏل کان سرين مرد توڙي عورت عقيدتمندن جي آمد جاري رهي ان موقعي تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

لاڙڪاڻي فتح ڪول جي ڪاڇ ۾ ڊهڻجي فوت ٿيل 2 پائرن جا لاش کڻيا ويا

ڪي پي ڪي واسي مزدورن جا لاش 5 ڏينهن کان پوءِ پورهيتن پاهر ڪڍي ورتا

بهتر ريسڪيو سسٽم انتظامي نااهلي سبب لاش 5 ڏينهن تائين ڪاڇ ۾ قائل رهيا

مانجهند (رپورٽ:مهراڻ عمراڻي) لاکڙا جي فتح ڪول جي ڪاڇ ۾ 6 ڏينهن اڳ پڪ ڪرڻ سبب فوت ٿيل 2 پائرن جا لاش کڻيا جديد ريسڪيو سسٽم نه هڻڻ سبب ڪي پي ڪي واسي مزدورن جا لاش 5 ڏينهن کان پوءِ پورهيتن پاهر ڪڍي ورتا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

مورو پوليس جو جواڃي اڏي تي چاپو، 9 جواري گرفتار ڪيس داخل

جوارين ۾ زاهد علي سولنگي شعبان نول طارق علي نول عمران شامل آهن

مورو شهر مان ڏوهن جي پاڙ پٽي پوءِ سڪ جو ساهه کڻندس: محمد حنيف بگٽي

نوشهروفيروز (رپورٽر) مورو پوليس جو جواڃي اڏي تي چاپو 9 جواري گرفتار ڪيس داخل:خلق خدا خوش پيرائتي خبر موجب مورو پوليس جي ڊينگ SHO سجيب الرحمان ناريجو جو پوليس نفري سان مورو شهر ۾ هلندڙ جو جي اڏي تي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نوشهروفيروز: مورو پوليس پاران گرفتار ڪيل 9 جواري ٻيهر اهن

سنڌ حڪومت وقتائتا قدم کڻندي سنا ڪم ڪيا آهن: سيد مراد علي شاهه

الله تعاليٰ جي ٻاجهه سان خطرو ٽلڻ ڪانپوءِ معمول جي زندگي بحال ٿي رهي آهي

آصف زرداري بلاول ڀٽو جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ مسلسل هدايتون ملندين رهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سامونڊي طوفان کي نظر ۾ رکندي محنت ۽ لڳاءَ سان ڪم ڪرڻ تي صوبائي حڪومت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادڪوٽ ۾ شهري جدوجهد ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

شهرين ۽ شهري جدوجهد ايڪشن ڪميٽي اڳواڻ نصير سيلرو، وقار چانڊيو پاران ريلي

7 سالن جي معصوم نياڻي پريا ڪماري کي هٿياربندن پاران اغوا ڪري ويا آهن:مظاهرين

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ شهري جدوجهد ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي سکر مان اغوا ٿي ريل معصوم نياڻي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. شهرين ۽ شهري جدوجهد ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور ۾ گرمي شدت اختيار ڪري ويئي، انجمن طلباءِ اسلام طرفان ڪيمپ قائم

انجمن طلباءِ اسلام طرفان ڪيمپ قائم ڪري ڏڏي ملي پاڻيءَ جي سبيل لڳائي ويئي

فضل الله نوراني جي اڳواڻيءَ ۾ شڪارپور جي لکيدر چوڪ تي ڪيمپ قائم ڪئي ويئي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ گرمي شدت اختيار ڪري ويئي، انجمن طلباء اسلام طرفان ڪيمپ قائم ڪري ڏڏي ملي پاڻيءَ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شڪارپور: انجمن طلباءِ اسلام پاران لڳايل پاڻي جي ڪئمپ

ميئر ڪراچي جي چونڊين ۾ مبينا طور تي ڏاندلي ۽ تشدد خلاف بدين ۾ احتجاج

گولاڙچي تلهار ۽ ٻين شهرن ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ يوم سياه ملهايو ويو

شفاف چونڊون ڪرائڻ بدران ڏاندلي ۽ تشدد جي زريعي پنهنجو ميئر آندو آهي: اڳواڻ

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) ميئر ڪراچي جي چونڊين ۾ مبينا طور تي ڏاندلي ۽ تشدد ڪرڻ جي خلاف جماعت اسلامي جي طرفان ڪاله بدين شادي لارج گولاڙچي تلهار ۽ ٻين شهرن ۾ جمعي جي نماز کان پوءِ يوم سياه ملهايو ويو هن موقعي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

الخدمت فائونڈيشن مفت صحت تعليم ۾ برابري جا حق ڏيڻ جو يقين رکي ٿي: نظر عباس

مفت ميڊيڪل ڪيمپ لڳائڻ جي روايت هڪ کي برابري ڏيڻ جو اعليٰ مثال آهي:سماجي اڳواڻ

ڪئمپ ۾ ٽي سئو 300 کان وڌيڪ مريضن جو مفت چڪاس ڪري مفت دوائون ڏيڻ ويون آهن

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) الخدمت فائونڈيشن عوام کي مفت صحت تعليم ۽ برابري جا حق ڏيڻ تي يقين رکي ٿي جنهن ۾ اولين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهوٽڪي: سماجي تنظير پاران لڳايل مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو ڏيک

ڪشمور درگاهه عاليه پرچوندي شريف ۾ پاڪ فوج جي شهيدن جي ياد ۾ تقريب

پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا لڳائيندي هڏي جو اظهار ڪيو ويو

درگاهه عاليه پرچوندي شريف جي عقيدت مندن علامه مفتي خالد حسين سڪندري شريڪ

ڪشمور(رپورٽ اصغر علي چانڊيو) ڪشمور درگاهه عاليه پرچوندي شريف ۾ پاڪ فوج جي شهيدن جي ياد ۾ سندس پيٽا پيش ڪندي پروگرام ٽي گذريو درگاهه جي عقيدت مندن پاران پاڪستان زنده آباد پاڪ فوج زنده آباد جا نعرا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

هاڻي طوفاني برسات ۽ سمندري طوفان جو خطرو ٽري ويو آهي: عبدالقادر بلوچ

علاقي گجرات طرف وڏي چڪيو آهي ،ملڪ جي حالتن ۾ هاڻي بهتري اچي رهي آهي

عمران حڪومت جي خاتمي سان گڏيل حڪومت ڪافي حد تائين بهرام ڪان بچائي ورتو آهي

تنڍو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) شريت پارٽي جي صدر عبدالقادر بلوچ جيو آهي ته ملڪ مان هاڻي طوفاني برسات ۽ سمندري طوفان جو خطرو ٽري ويو آهي جيڪو خطرو هاڻي بهارت جي علاقي گجرات طرف وڏي چڪيو آهي هن جيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪشمور اندر 37 ليڊي ڊاڪٽريائين گهروينيءَ پگهارون ڪٽڻ لڳيون، اختياريون خاموش

پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

محمد نواز سميجو ضلع چيرمين پمسا ڪشمور اعجاز احمد قاضي ضلع جنرل سيڪٽري پمسا شريڪ

وس وارن آفيسرن کان ته هو گوسڙو 37 ليڊي ڊاڪٽريائين کي ڊيوٽي تي پابند ڪن: اڳواڻن جون ڳالهيون

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ:غالب بلوچ) ضلع ڪشمور اندر 37 ليڊي ڊاڪٽريائين آهن جيڪي ڊيوٽي ڪرڻ بجاءِ گهر ويڻي پگهارون کڻڻ لڳيون ڪجه ڊاڪٽريائين باهر ملڪ ۽ ڪجه ڪراچي اندر پرائيويٽ اسپتالن ۾ ڪم ڪرن ٿون ان عمل خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سامونڊي طوفان بعد تعلقي شهيد فاضل راهو جي رليف ڪيمپن ۾ سرگرميون تيز

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سامونڊي طوفان سبب تعلقي شهيد فاضل راهو جي رليف ڪيمپن ۾ موجود ماڻهن ۾ سماجي تنظير هينڊز پاران پيٽ جو صاف پاڻي تينڪر ذريعي هر ڪيمپ تي پهچايو ويو ان موقعي تي هينڊز جي نمائندن عمران حيدر خواجه ۽ زيد سمون ميڊيا سان گڏالهائيندي چيو ته مشڪل وقت ۾ هينڊز/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڪنڊڪوٽ: پيرا ميڊيڪل اسٽاف جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي پاران احتجاج ڪير پيو رڄي

گهوٽڪي ۾ ڪڙڻ فقيرن جو احتجاج، سرحد واسي ۽ ساٿين تي حملي ڪرڻ جو الزام

ڪڙڻ فقيرن جي هڪ گروپ ضلع ڪائونسل جي ميمبر شبانه فقير۽ ٻين احتجاج ڪيو

روبينا فقير۽ ٻين پريس ڪلب گهوٽڪي پهچي ڪڙڻ جي ٻئي گروپ خلاف احتجاج ڪيو

گهوٽڪي(رپورٽ لالچند موٽواڻي) گهوٽڪي ۾ ڪڙڻ فقيرن جو احتجاج، سرحد واسي ڏاهڙن فقير ۽ سندس ساٿين تي حملي ڪرڻ جو الزام. ايس ايس پي ڪان جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو. خبرن موجب ڪڙڻ فقيرن جي هڪ گروپ ضلع ڪائونسل جي ميمبر شبانه فقير، ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي ميمبر رفيق عرف ليلا فقير، صنر فقير، روبينا فقير۽ ٻين پريس ڪلب گهوٽڪي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سرحد لنڊي ۽ مائنرواهه ۾ پاڻي جي شديد قلت، فصل سوکڙي جو شڪار، احتجاج

پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ سبب لکين ايڪڙ تي مشتمل فصل پاڻي نه ملڻ سبب تباهه ٿي ويو

سليمر لکڻ، رحمان ملهڻ، سومار چنڇرو، الهوڏايو سولنگي، منظور چاڇڙ، غلام نبي چاڇڙ احتجاج ڪيو

پاڻي هئڻ جي باوجود به سرحد جي لنڊي واهه ۽ مائنرواهه ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ڪئي وئي آهي:مظاهرين

سرحد(رپورٽر) سرحد لنڊي ۽ مائنر واهه ۾ پاڻي جي شديد قلت، فصل سوکڙي جو شڪار، هٿرادو ڪوٽ سبب لکين ايڪڙ تي مشتمل آبادگارن جا مٿي تي هٿ، علاقائي واسين جو گهوٽڪي فيڊر وٽ احتجاج پاڻي ڏيڻ جو مطالبو. خبرموجب گهوٽڪي ضلعي ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ سبب لکين ايڪڙ تي مشتمل فصل پاڻي نه ملڻ سبب تباهه ٿي ويو آهي سرحد جي لنڊي واهه ۽ مائنر واهه ۾ پاڻي جي شديد قلت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

احمد پور لڳ ڳوٺ مالهي سهتا ۾ زمين جي مالڪي تان سهتا برادري ۾ جهيڙو

سرحد: لنڊي ۽ مائنر واهه جا آبادگار پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

گمبٽ (رپورٽر): گمبٽ پرسان زميني تڪرار تان سهتا برادري جي بن ڏرين ۾ جهيڙو، 13 ڇڻا زخمي، ڪمس اسپتال داخل. خبر موجب گمبٽ پرسان صادق ڪلهوڙو ٿاڻي جي حد ڳوٺ نظر محمد سهتو جي سهتا برادري جي بن ڏرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو. جنهن دوران ليمون، ڏاڏا ۽ ڪهاڙين ڪڍي سبب 13 ڇڻا مور سهتو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سامونڊي طوفان بائيپر جواڃ پارتي گجرات سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ برسات جو سلسلو شروع

بدين شهر جي روڊن رستن ۽ شهر جي جهڪائين وارن علاقن ۾ پاڻي ٻيهجي ويو،شهري پريشان

شهر سميت ڪيڻ نندوشهر ڪوسڪي ۽ ٻين شهرن ۾ ڪاروباري سرگرميون مڪمل طور تي بند رهيون

ضلع ڪائونسل بدين ۾ قائد حزب اختلاف ۽ ايس يو پي جي مرڪزي نائب صدر امير آزاد پنهور پاران احتجاج

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سامونڊي طوفان بائيپر جواڃ پارتي گجرات سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ بدين ضلع جي ساحلي علاقن سميت سجي ضلع ۾ خميس شام 7 وڳي کان تيز هوائن سان برسات جو سلسلو شروع ٿي ويو جيڪو جمعي جي ڏينهن شام تائين جاري رهيو جنهن جي ڪري بدين شهر جي روڊن رستن ۽ شهر جي جهڪائين وارن علاقن ۾ پاڻي ٻيهجي ويو جڏهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

تنڍو غلام حيدر جي مختلف شهرن مويا ڏنڍو نظر پور سميت ٻين شهرن ۾ برسات

پسگردائي وارن علاقن ڳوٺن ۾ برسات جو مسلسل 3 ڏينهن وقفي وقفي کان سلسلو جاري

علاقي جي روڊن رستن تي پاڻي ٻيهڻ جي ڪري شهرين جي عام زندگي سخت متاثر ٻڌجي وئي

برسات جو پاڻي ٻيهڻ سان اڪثر علاقن جي واپارين پنهنجي دڪان جو ڪاروبار پاڻمرادو بند ڪري چڏيو

تنڍو غلام حيدر(رپورٽ ميرحسن رند) تنڍو غلام حيدر جي مختلف شهرن مويا ڏنڍو نظر پور سميت ٻين پسگردائي وارن علاقن ڳوٺن ۾ برسات جو مسلسل 3 ڏينهن وقفي وقفي کان سلسلو جاري رهيو، برسات جي ڪري سخت متاثر ٻڌجي وئي

بوزداروڏا ۽ پرپاسي جي علاقي ۾ عيد ويجهو ايندي ئي چوريون شروع ٿي ويون

تالپروڏا (رپورٽر) بوزداروڏا ۽ پرپاسي جي علاقي ۾ عيد ويجهو ايندي ئي چوريون شروع ٿي ويون.درگاهه غلام نبي شاهه ۽ ڳوٺ محمد عيسيٰ ڏهر مان نامعلوم چور سولر پليٽون ۽ بئٽري چوري ڪري رياخبرموجب بوزداروڏا ۽ آسپاس جي علاقي ۾ عيد ويجهو ايندي ٿي چورين جون واردااتون شروع ٿي ويون آهن.نامعلوم چور بوزداروڏا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

تنڍو غلام حيدر: آسمان تي برساتي ڪڪر بيندل آهن

نوشهروفيروز ۾ ميڊيڪل ايسوسيئيشن پاران ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر جي مان ۾ تقريب

ڊسٽرڪٽ پوليس سرجن ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر جي مان ۾ الوداعي پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو ويو

ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سهتو ڊاڪٽر شهناز جاويد، ڊاڪٽر رحمت الله سومرو شريڪ ٿيا

مان سموري ست جو شڪرگذار آهيان هن الوداعي بعد اسپتال جون ساروڻيون سارينديو رهنديس: مشتاق علي مهيسر

نوشهروفيروز (رپورٽر) پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن سنڌ سول اسپتال نوشهروفيروز پاران مقامي هوٽل ۾ ڊسٽرڪٽ پوليس سرجن ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر جي مان ۾ الوداعي پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن جي صدارت PMA سنڌ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: سرجن ڊاڪٽر مشتاق علي مهيسر جي مان ۾ ڪوٽايل الوداعي تقريب جو ڏيک

ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽيل وندِ انرجي ڪمپني جو سامان چوري ٽيڻ معمول

لئو (رپورٽر) جنڪشاهي جي ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ٽيل وندِ انرجي ڪمپني* مان تيار ٽيلندڙ بجلي سپلائي ڪندڙ بجلي جي ٽنهن مان پٽيون چوري ٽيڻ روز جو معمول بڻجي ويو. جنهن ڪري ٽورڙي هوا لڳڻ ڪري هڪ ٿي وقت 8 پرل ڌهي پٽ پڻجي ويا. انگن پرسان جرندڙ چوپايو مال ۽ ڏنار معجزاتي طور بچي ويا اهن پر انتظامي ڪربقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڪراچي ۾ ميئر شپ لاءِ پيپلز پارٽي عوامي مينڈيٽ کي ٽڏي چڏيو: گهوٽڪي ۾ احتجاج

جماعت اسلامي ۽ اتحادين جي چيئرمينن جو انگ 193 هو، پ پ هن دور ۾ ڏانڊلي ڪئي آهي

جماعت اسلامي ضلعي گهوٽڪي جي امير جماعت مفتي محمد يوسف مزاري جي اڳواڻي ۾ ريلي

عوامي مينڈيٽ چوري ڪرڻ جا حربہ استعمال ڪندي نظام کي يرغمال بڻائي اقتدار ۾ ايندي آهي

گهوٽڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڪراچي ۾ ميئر شپ لاءِ پيپلز پارٽي عوامي مينڈيٽ کي ٽڏي چڏيو جماعت اسلامي ۽ اتحادين جي چيئرمينن جو انگ 193 هو، جڏهن ته مخالف ڏر جي چيئرمينن جو انگ 173 هو، جنهن ۾ پ پ 32 چيئرمينن کي يرغمال بنايو۽ ميئر شپ جي چونڊ ۾ پهچڻ به نه ڏنو هن دور جي ڏاندلي، جي خلاف جماعت اسلامي امير جماعت اسلامي پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تنڍو محمد خان مان ڪنيءَ ڪٽي گم ڪيل جسقم آريسر گروپ جي اڳواڻ پاران احتجاج

عبدالخالق خاصخيلي پريس ڪانفرنس ذريعي گرفتاري کي سياسي انتقامي ڪاروائي قرار ڏنو

17 ڏينهن اڳ ڪيس تنڍو محمد خان جي حيدرآباد بدين روڊ تان اهلڪارن حراست ۾ ورتو: عبدالخالق

اسان کي پاڻ خدشو هو ته اسان هاڻي وري زنده سلامت واپس پنهنجي پيارن ڏانهن پهچي نه سگهنداسين

تنڍو محمد خان (رپورٽر) تنڍو محمد خان مان ڪنيءَ ڪٽي گم ڪيل جسقم آريسر گروپ جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي سندس 17 ڏينهن ڪانپوءِ بازيابي ٽي پريس ڪانفرنس ذريعي سندس گرفتاري کي سياسي انتقامي ڪاروائي قرار ڏنو آهي . تنڍو محمد خان ۽ جسقم آريسر گروپ جي اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي پريس ڪانفرنس ڪندي ڄاڻايو ته 17 ڏينهن اڳ ڪيس تنڍو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

تنڍو محمد خان: قومپرست اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

منهجي پيٽيوي غلط افواه ڦهلائي ته منهنجي ڏيرن قتل ڪيو آهي: شبانه قريشي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي سجل ڪوٺ ۽ شبانه قريشي پنهنجي ڊيرسهيل مختيار قريشي سان گڏ ڪراچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سندس جي جڳهه تي پيٽيوي پوليس آفيسر رمضان ڪنڊ قبضو ڪيو آهي. هن چيو ته سندس جي ملڪيت جا رارٽ هن جا ڏير ۽ سندس اولاد آهي. وڌيڪ چيو ته منهجي پيٽيوي غلط افواه ڦهلائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏهرڪي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي، سماجي اڳواڻن پاران شرڪت

ريلي جي اڳواڻي ريٽائرڊ ڪيپٽن جام عبدالغفار خان ڏهرڪئي، شهرين پاران حمايت ۾ نعرا

پاڪ فوج زنده باد جا نعرا، فوج خلاف ٽيندڙ سازشن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسون

محبت ڪندڙ شهرين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن عبدالحنان ڪاجون منير احمد سومرو ۽ ٻين پاران شرڪت

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ريٽائرڊ ڪيپٽن جام عبدالغفار خان ڏهرڪئي، سول سياسي سماجي اڳواڻن جي وڏي اڪٺ ۾ شرڪت پاڪ فوج جي سلامتي سان آهي ملڪ ويا فوج خلاف ٽيندڙ سازشن کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسون پاڪستان زنده باد جا نعرا هنيا دشمني/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪنڊڪوٽ ۾ پاڪ فوج سان ٻڌي جي اظهار ۽ شهيدن کي ٻيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي

صحافي دليپ ڪمار ٺاڪر راجا گوپي چند گهنشام داس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي نڪتي

ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻ صحافين سميت شهرين ۽ هندو برادري جا اڳواڻ شريڪ

سانحي جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي. پاڪ فوج جي شهيدن کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا: اڳواڻ

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ ۾ پاڪ فوج سان ٻڌي جي اظهار ۽ شهيدن کي ٻيٽا پيش ڪرڻ لاءِ هندو برادري طرفان هندو پنچايت جي اڳواڻ سينيئر صحافي دليپ ڪمار ٺاڪر راجا گوپي چند گهنشام داس ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب کان گهنٽا گهر چوڪ تائين پاڪ فوج زنده آباد ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ مختلف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ صحافين سميت شهرين ۽ هندو برادري جي سرخ سلام پيش ڪيو

نوشهروفيروز: وائلڈ لائيف کاتي جا اهلڪار بيندل آهن، ٻئي طرف هٿ ڪيل مئل واڳون پيل آهي

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، ڊهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
چنڇر 17 جون 2023ع

موسمياتي تبديليون ۽ اپاءَ

رياض ابڙو

2022 جي پڄاڙي ۾ مصر جي شهر "شرم الشيخ" ۾ سي او پي (موسمياتي تبديلين ۽ ان جي لاءِ گهربل انتظام ڪرڻ واري تنظيم. جنهن کي "ڪانفرنس آف دي پارٽيز" چيو وڃي ٿو. اها تنظيم 197 ملڪن تي مشتمل آهي. پوءِ اهي ميمبر ملڪ جيڪي ڪنهن نه ڪنهن طرح صنعتي، فيڪٽرين يا فرمن جا مالڪ هجن ٿا. جن وٽ "بلڊِ پروڊڪشن" ٽيندي رهي ٿي يا جيڪي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ هوا ۾ ان صنعتي پيداگيري جي ڪري موڪليندا رهن ٿا. اهي دونهين جي گهٽائڻ جا اپاءَ ٻڌن. ان تنظيم جو وجود 1992 ۾ پيو هو۽ ان سلسلي تحت ان تنظيم جون سالياڻيون ڪڍائيون ٻڌائيندڙ ڏينهن رهن ٿيون) جي هڪ ڪڍائي رٽيل آهي. جنهن ۾ پاڪستان کي موسمياتي تبديلن جي لاءِ پنهنجي ڪردِ گارڪردگيءَ جي نشاندهي ۽ پيتا (پرفارمنس) ڏيکارڻي پوندي ته هيل تائين ڪهڙي ملڪ ڪهڙي شيءِ يا ڪهڙن اپائن تحت موسمياتي تبديلين جي سببن ۽ "ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي اميشن" (اخراج) تي ڪنٽرول ڪري سگهيو آهي. ان ڪري اهڙي سلسلي جون ڪڍائيون "جي 20" جي ملڪن جو فرض هوندو آهي يا "جي 8" جي ميٽنگ ۾ فرانس جي ماحولياتي تحفظ واري تنظيم وٽ پاڪستان پنهنجي تاريگيٽ ۽ گولز رکي ڇڏيا آهن ته هي 2030 تائين پيٽرول يا ڊيزل يا دونهون ڇڏيندڙ گاڏين کي اڌ کان وڌيڪ بجلي تي ٽرانسفارم يا شفٽ ڪندا يا ان جي لاءِ ڪجهه اهڙيون شيون يا اپاءَ چئي سگهجن ٿا جيڪي پاڪستان وانگر ٻين مثال جنهن ۾ پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ يا گهٽي دونهين ڇڏڻ وارين گاڏين تي پابندي هٿ ٻڌڻ ۽ جيئن گرين لائٽين بسون يا اورينج لائين بسون جيڪي "هاءِ برِڊ" آهن يا ڪراچي سرڪليئر ٽرين جيڪي چائينا جي مدد سان آهستي آهستي وڌائيندا ٿا وڃن (جنهن ۾ چائينا سيڙپ ٿو ڪري).

